# پياري آقا جو
# نِرالو علم مبارڪ

**03 September 2026**

(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سنتن ڀريو بيان



3 سيپٽمبر، 2026ء (بمطابق 20 ربيعُ الاول، 1448ھ) پاڪستان پر ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# پياري آقا جو نِرالو علم مبارڪ

(پياري آقا جي علم مبارَڪ ۽ اُمّي هجڻ جي شان جو بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... علمِ مصطفيٰ جي وسعت جو بيان
- ✿... پيارا آقا لکڻ پڙهڻ ڄاڻيندا هئا
- ✿... لفظِ اُمّي ۽ شانِ مصطفيٰ جي يڪتائي
- ✿... اُمّي هجڻ جو شان ۽ اڄوڪي دور جي سائنس

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِيّٖن
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي ته هي نفاق ۽ جهنم جي باهه کان آزاد آهي ۽ کيس قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

حکمِ خدا بھی، دِل کی صدا بھی درود ہے
روحانیت کی اَصل غِذا بھی درود ہے
ہاں ہاں اندھیری قبر کی ہے روشنی درود
محشر میں عافیت کی رِدا بھی درود ہے

**الفاظن جي معنيٰ:** عافيت جي رِدا يعني مشڪلاتن کان بچائڻ واري چادر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

1...مجمع الزوائد، جلد:10، صفحه: 253، حديث:17298۔
2...بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحه:65، حديث:1۔

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجھ سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، نيت ڪريو! ◈ الله جي رضا لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجھ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ترمذي شريف جيڪو حديثِ پاڪ جو مشهور ڪتاب آهي، ان ۾ هڪ تمام ايمان افروز، عشق افروز (يعني عشقِ رسول وڌائيندڙ) ۽ سبق آموز روايت آهي، اڄ جي بيان ۾ هيءَ روايت ۽ ان مان ملندڙ ڪجھ نڪتا توهان جي سامهون پيش ڪرڻا آهن. اچو! پهريان حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا:

## 2 عظيم ڪتابن جو تفصيل

حضرت عبد الله بن عَمرو رَضِیَ اللہُ عَنْہُ صحابي رسول آهن، فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر مبارڪ کان ٻاهر تشريف کڻي آيا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ 2 ڪتاب هئا. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان کي خطاب ڪندي فرمايو:

أَتَدْرُوْنَ مَا هٰذَانِ الْكِتَابَانِ

ترجمو: ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته هي 2 ڪتاب ڪهڙا آهن...؟

اسان عرض ڪيو: نه يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان نٿا ڄاڻون، توهان ارشاد فرمائي ڏيو! جيئن ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي ساڄي هٿ ۾ موجود ڪتاب

جي متعلق فرمايو:

هَذَا كِتَابٌ مِنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ

ترجمو: هي ڪتاب الله ربُّ العالمين جي طرفان عطا ڪيو ويو آهي

فِيهِ أَسْمَاءُ أَهْلِ الْجَنَّةِ وَأَسْمَاءُ آبَائِهِمْ وَقَبَائِلِهِمْ ثُمَّ أُجْمِلَ عَلَى آخِرِهِمْ فَلَا يُزَادُ فِيهِمْ وَلَا يُنْقَصُ مِنْهُمْ أَبَدًا

ترجمو: هن ۾ تمام اهلِ جنت، انهن جي ابن ڏاڏن ۽ قبيلن جا نالا درج آهن. آخر ۾ انهن جو ڪُل ٽوٽل بہ درج ڪيو ويو آهي، هاڻي انهن مان نہ ڪجھ گھٽتائي ٿيندي، نہ واڌارو ٿيندو.

پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ٻئي هٿ واري ڪتاب جي متعلق فرمايو:

هَذَا كِتَابٌ مِنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ

ترجمو: هي ڪتاب بہ الله ربُّ العالمين جي طرفان عطا ڪيو ويو آهي.

فِيهِ أَسْمَاءُ أَهْلِ النَّارِ وَأَسْمَاءُ آبَائِهِمْ وَقَبَائِلِهِمْ ثُمَّ أُجْمِلَ عَلَى آخِرِهِمْ

فَلَا يُزَادُ فِيهِمْ وَلَا يُنْقَصُ مِنْهُمْ أَبَدًا

ترجمو: هن ۾ سيني جهنمين، انهن جي ابن ڏاڏن ۽ قبيلن جا نالا درج آهن، آخر ۾ ڪُل ٽوٽل بہ لڳايو ويو آهي. هاڻي انهن ۾ نہ گھٽتائي ٿيندي، نہ واڌارو.

حضرت عبدالله بن عَمرو رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! جڏهن جنتين ۽ جهنمين جا نالا پهريان ئي طئي ٿيل آهن تہ پوءِ عمل جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ فرمايائون: سدا رهو ۽ قربِ اِلاهي حاصل ڪريو! بيشڪ جنتي جو خاتمو جنتين وارن ڪمن تي ٿيندو آهي ۽ جهنمي جو خاتمو جهنمين وارن ڪمن تي ٿيندو آهي.[1]

---

1...ترمذی، کتاب القدر، باب ما جاء ان اللہ کتب کتابا...الخ، صفحہ:517، حدیث:2141 ۔

## حديثِ پاڪ مان ملندڙ نڪتا

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ حديث شريف جيڪا اسان پڙهي، اچو! هاڻي هڪ هڪ ڪري ان مان ملندڙ نڪتا پڙهون ٿا:

## اهڙي ٻانهن جي قوت تي لکين سلام

سڀ کان پهريان حديثِ پاڪ جي هن پهلوءَ تي غور ڪريو! اهي ڪتاب جيڪي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ هئا، تصور ڪريو ته اهي ڪيترا وڏا ۽ ڪيترا وزني هوندا؟ توهان جو ڪڏهن ٽائون ڪميٽي / بلديه ۾ وڃڻ ٿيو هوندو. اتي وڏين وڏين الماڙين ۾ وڏا وڏا رجسٽر رکيل به ڏٺا هوندا. گذريل 50 کان 70 سالن ۾ خاص طور تي صرف ان هڪ سيڪٽر يا هڪ ننڍي شهر ۾ جيترا ٻار پيدا ٿيا، انهن رجسٽرن ۾ صرف انهن جا نالا ۽ ولديت لکيل هوندي آهي. ٻه ڳالهيون ذهن ۾ رکو! ◈ هي رڳو هڪ سيڪٽر / يا هڪ ننڍي شهر جي ٻارن جا نالا آهن ◈ هي صرف 50 کان 70 سالن جو رڪارڊ آهي. ان جي باوجود بلديه ۾ ڪيترائي رجسٽر جمع ٿيل هوندا آهن، وڏيون الماڙيون ڀريل هونديون آهن ۽ اهي رجسٽر به ايترا ڳرا هوندا آهن جو هڪ عام ماڻهو 5 کان 10 رجسٽر هڪ هٿ سان کڻي نه سگهندو.

پر توهان ڪمال ڏسو! هي رڳو 50 سالن جو رڪارڊ نه هو، پر هزارين سالن جو رڪارڊ هو، حضرت آدم عليه السلام کان هينئر تائين، هينئر کان قيامت تائين جيترا ماڻهو آيا، موجود آهن، آئنده ايندا، انهن ۾ ٻار، وڏا، پوڙها، عورتون، مرد، جيڪو جيڪو جنت ۾ ويندو، جيڪو جيڪو جهنم ۾ ويندو، انهن سڀني جا نالا، انهن جي والدين جا نالا، انهن جي خاندانن جا نالا انهن ڪتابن ۾ درج هئا، وري هي رڪارڊ ڪنهن هڪ شهر جو نه هو، ڪنهن هڪ

ضلعي، صوبي يا ملڪ جو نہ پر سڄي دنيا جو هو. توهان اندازو لڳايو! ايترو وڏو رڪارڊ جنهن کي لکڻ جي لاءِ هزارين نہ لکين صفحا درڪار هوندا، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو وڏو رڪارڊ پنهنجي هٿ ۾ ڪنيو هو.

سُبحانَ الله!

جن کو بارِ دوعالَم کی پروا نہیں
فرش تا عرش ہے جس کے زیرِ نگیں

ایسے بازُو کی قُوّت پہ لاکھوں سلام
اُن کی قاہِر حکومت پہ لاکھوں سلام

## طاقتِ مصطفيٰ مرحبا...!! مرحبا!

سُبْحٰنَ الله! ان ٻانهُن مبارڪ جي زور ۽ طاقت جي تہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، غزوهءِ خندق جو موقعو هو، صحابيءِ رسول حضرت جابر رَضِیَ اللہُ عَنْهُ فرمائن ٿا: اسان خندق جي ڏينهن کوٽائي ڪري رهيا هئاسين تہ هڪ سخت پٿر سامهون اچي ويو، جنهن کي ٽوڙڻ جي اسان 3 ڏينهن کان ڪوشش ڪري رهيا هئاسين، پر تڏهن بہ ان کي ٽوڙي نہ سگهيا هئاسين، صحابہءِ ڪرام بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: هڪ پٿر خندق کوٽڻ ۾ آزمائش بڻيل آهي، مالڪ و مختار آقا، ٻنهي جهانن جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اسان لهنداسين، حضور اٿيا، جيتوڻيڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن جي پيٽ تي پٿر ٻڌل هو، ربّ جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪوڏر (زمين کوٽڻ جو هڪ تيز اوزار) ڪنيو پٿر تي هنيو تہ پٿر واريءَ جيان ريزه ريزه ٿي ويو.(1)

سُبْحٰنَ الله! اهو اسان جي آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻانهن جو زور آهي، اها چٽان جنهن کي صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان ٽوڙي نہ سگهيا

1...بخاری، کتاب المغازی، باب غزوة الخندق وھی الاحزاب، صفحہ:1029، حدیث:4101۔

هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هڪ ئي ڏڪ (ضرب) سان ان کي ريزه ريزه ڪري ڇڏيو. پوءِ اسان جو نه چئون ته...

جن کو بارِ دو عالَم کی پروا نہیں | ایسے بازُو کی قُوَّت پہ لاکھوں سلام

## علمِ مصطفيٰ جي وسعت جو بيان

پيارا اسلامي ڀائرو! هاڻي هن حديث شريف تي هڪ ٻئي پهلوءَ کان غور ڪريو! مان، توهان ۽ دنيا ڀر جا تمام عاشقانِ رسول، ان شاءَ الله! الله پاڪ جي فضل سان جنت ۾ ويندا سين، ته پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ساڄي هٿ مبارڪ ۾ جيڪو ڪتاب هو، ان ۾ سيني جنتين جا، انهن جي والدين جا ۽ خاندانن جا نالا درج هئا، الله پاڪ جي ڪرم سان جيڪڏهن اسان جنتي ٿياسين ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور ٿينداسين ته تورو هن ڳالهه جو مزو وٺو ته اهو ڪتاب جيڪو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي هٿ مبارڪ ۾ هو، يقيناً ان ۾ منهنجو نالو موجود هو، توهان جو نالو به موجود هو، اسان جي ابن ڏاڏن جا نالا به درج هئا ۽ اسان جي خاندانن جا نالا به درج هئا.

خبر پئي: 1500 سال اڳ جڏهن اسان جو، اسان جي ماءُ پيءُ جو، اسان جي ڏاڏي پڙڏاڏي جو به نالو نشان تائين موجود نه هو، ان وقت غيب جو علم رکندڙ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اسان کي به سڃاڻيندا هئا، اسان جي ابن ڏاڏن کي به سڃاڻيندا هئا، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي اها به خبر هئي ته هن نالي جو هڪ شخص دنيا ۾ ايندو، فلاڻي جو پٽ هوندو، فلاڻي ذات ۽ نسل مان هوندو، اهڙا اهڙا ڪم ڪندو، آخر ۾ خاتمو ايمان تي ماڻي جنت جو حقدار بڻجي ويندو.

## پلا ٻڌايو! ٻيو علمِ غيب ڪنهن کي چئبو آهي...؟

بھلا عالَم سی شے مخفی رہے اس چشمِ حق بیں سے | کہ جس نے خالقِ عالم کو بے شک بالیقیں دیکھا(1)

وضاحت: ڀلا ان اک کان ھيءَ دنيا جهان ڪيئن پوشيده (مخفي) رهي سگهي تو...؟ جنهن مبارڪ اکين هن دنيا جهان جي خالق ۽ مالڪ جو يقيناً ديدار ڪيو آهي

## بابا ڪرم اِلاهيءَ جي دلچسپ حڪايت

فقيہِ اعظم مولانا شريف ڪوٽلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْہ وڏا عالمِ دين ٿي گذريا آهن. ڪتابن ۾ لکيل آهي: هڪ ڏينهن سندن خدمت ۾ بابا ڪرم اِلاهي نالي هڪ بدمذهب آيو ۽ چيائين: توهان چئو ٿا تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب حاصل هو. فرمايائون: ها! بلڪل منهنجو عقيدو آهي تہ الله پاڪ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي علمِ غيب عطا فرمايو آهي. بابا ڪرم اِلاهي رڙ ڪري چيو: ڇا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي منهنجي بہ خبر هئي تہ هڪ شخص ڪرم الاهي بہ هوندو؟ فقيہِ اعظم وڏي اطمينان سان فرمايو: يقينًا علم هو ۽ صرف تنهنجو ئي نہ بلڪ تنهنجي ابي ڏاڏي جو بہ علم هو ۽ هن ڳالھ جو بہ علم هو تہ تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي خاندان سان تنهنجو تعلق آهي. بابا ڪرم الاهي هاڻي رڙ ڪري چيو: ڪٿي لکيل آهي، مون کي ڏيکاريو...؟؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مشڪوٰة شريف کولي ان جي سامهون رکيائون ۽ اها ئي حديث پڙهي ٻڌايائون جيڪا هينئر اسان ٻڌي. هيءَ حديث ٻڌائي حضرت فقيہِ اعظم فرمايو: تنهنجو نالو وغيره مڪمل پتو ساڃي هٿ واري ڪتاب (يعني جنهن ۾ اهلِ جنت جا

1...ديوان سالک، صفحہ:15۔

نالا آهن، ان) ۾ نہ هوندو تہ ڪابي (دل جي طرف واري) هٿ واري ڪتاب (جنهن ۾ جهنمين جا نالا درج آهن، ان) ۾ تہ يقينًا هوندو. بابا ڪرم اِلاهي ڪتاب ۾ ان حديث کي غور سان ڏسندو رهيو، پر ڪجهہ چئي نہ سگهيو ۽ خاموشي سان اٺي هليو ويو. (1)

## علمِ غيب قرآني آيتن مان ثابت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! خيال رهي! اهلِ سنت جو سچو عقيدو آهي: رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان جميع مَاكَانَ وَمَايَكُوْنُ (يعني پهرين ڏينهن کان قيامت تائين جيڪو ٿي چڪو آهي ۽ جيڪو ٿيڻ وارو آهي، ان سڀ) جو تفصيلي علم رکن ٿا. (2)

اَلحَمْدُلله! هي عقيدو قرآنِ ڪريم جي واضح آيتن مان ثابت آهي. دل جي تسلي لاءِ صرف 2 آيتون عرض ڪريان ٿو: (سيپارو 27، سورة الرحمٰن، آيت 3 ۽ 4) ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

خَلَقَ الْاِنْسَانَ ﴿۳﴾

عَلَّمَهُ الْبَيَانَ ﴿۴﴾ (سيپارو 27، سورة الرحمٰن، آيت 3 ۽ 4)

ترجموڪنزُالايمان: انسانيت جي جان مُحَمّد کي پيدا ڪيو، مَاكَانَ وَمَایَكون جو بيان ان کي سيکاريو.

مشهور مفسر ۽ محدث مُحيُ السُّنَّة، امام بغوي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: ابنِ ڪِيسان چيو تہ هتي اَلْاِنسان مان انسانيت جي جان يعني محبوبِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مراد آهن ۽ اَلْبيان مان مَاكَانَ وَمَايَكُوْن جو بيان مراد آهي چو

1...سنی علما کی حکایات، صفحہ:53 بتغیر۔
2...فتاوٰی رضویہ، جلد:15، صفحہ:275۔

تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اولين و آخرين ۽ قيامت جي ڏينهن جون خبرون ڏين ٿا. (1)

وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ ۚ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿۱۱۳﴾ سيپارو 5، سورة النساء، آيت 113 ۾ آهي:

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اوهان کي اهو سڀ سيکاريو جيڪو اوهان نه ڄاڻيندا هُيئو ۽ اوهان تي الله جو فضل تمام وڏو آهي.

سُبْحٰنَ الله! هن آيت تہ علمِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي وسعت کي کولي بيان ڪري ڇڏيو. ڏسو! هن جڳهہ تي ائين نہ فرمايو تہ توهان کي احڪامِ شريعت جو علم ڏنو يا فلاڻي ڳالهہ جو علم ڏنو فلاڻي جو نہ، بلڪ فرمايو: جيڪي ڪجهہ توهان نہ ڄاڻيندا هئا اهو سڀ ڪجهہ توهان کي سيکاريو ويو. (2)

معلوم ٿيو: جيڪا جيڪا ڳالهہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نہ ڄاڻيندا هئا، اهي سڀ ڳالهيون الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سيکاري ڇڏيون.

## هر شيءِ روشن ٿي وئي

صحابيءِ رسول حضرت معاذ بن جبل رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو فجر جي نماز جو وقت هو، پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم معمول (Routine) کان هٽي ڪري ڪجهہ دير سان آيا، نمازِ فجر پڙهائي، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان رات جو اٿيس، نوافل ادا ڪيا، نماز دوران مون کي ننڊ اچي وئي تہ مون خواب جي حالت ۾ پنهنجي الله پاڪ کي نهايت حسين صورت ۾ ڏٺو، مون ڏٺو تہ الله پاڪ پنهنجو هٿ مبارڪ (جيئن ان جي شان جي لائق آهي) منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيو ايتري تائين جو مون ان جي ٿڌاڻ

1...تفسير بغوى، پاره:27، سورهٔ رحمٰن، زيرِ آيت:3، جلد:3، صفحه:283۔
2...شانِ حبيب الرحمٰن من آيات القرآن، صفحه:49 بتصرف ۔

پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي، پوءِ ربّ ڪريم جو (ان جي شان جي لائق) هٿ مبارڪ منهنجي سيني تي رکڻ جي دير هئي، منهنجي ڪيفيت اها ٿي وئي جو فَتَجَلّٰى لِيْ كُلُّ شَيْءٍ وَعَرَفْتُ پوءِ مون تي هر شيءِ روشن ٿي وئي ۽ مون ان کي سڃاڻي ورتو. [1] هڪ روايت ۾ آهي:فَعَلِمْتُ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ پوءِ مون ڄاڻي ورتو جيڪو ڪجهه زمين ۾ ۽ جيڪو ڪجهه آسمانن ۾ آهي. [2]

## پياري آقا جو نرالو علم مبارڪ

حضرت حذيفه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ صحابيءِ رسول آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان جي وچ ۾ بيٺا ۽ بيان فرمائڻ شروع ڪيائون، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي سڀ ڪجهه ٻڌايو، ايتري تائين جو قيامت قائم ٿيڻ تائين جا سڀ واقعا ٻڌائي ڇڏيا.

حضرت حذيفه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جيئن ڪو ٻانهو ڪنهن تمام پراڻي سڃاڻيندڙ کي ڏسندو آهي ته ڪيس اوچتو محسوس ٿيندو آهي ته هن کي مون ڪٿي ڏٺو آهي، پوءِ ٿورو ذهن تي زور ڏيڻ سان ياد اچي ويندو آهي، هن واقعي کان پوءِ منهنجي اها ئي حالت ٿي وئي هئي، مان جڏهن به ڪو نئون معاملو ڏسندو هئس ته لڳندو هو ته هي معاملو ته مون ڪٿي ٻڌو آهي، پوءِ جڏهن غور ڪندو هئس ته ياد ايندو هو ته ها! ان ڏينهن محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اها ڳالهه به اسان کي ٻڌائي هئي. [3]

---

1...ترمذی،کتاب تفسیر القرآن،باب ومن سورۃ ص،صفحہ:747، حدیث:3235 ملتقطًا۔
2... ترمذی،کتاب تفسیر القرآن،باب ومن سورۃ ص،صفحہ:746، حدیث:3233 ۔
3...مسلم،کتاب الفتن و اشراط الساعۃ،باب اخبار النبی ...الخ،صفحہ:1107،حدیث:2891 خلاصۃً۔

ہر ذرّہ پر تیری نظر ہے، ہر قطرہ کی تجھ کو خبر ہے
ہو علمِ لَدُنی کے تم دانا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ وَسَلَّم
عیب سے تم کو پاک کیا ہے غیب کا تم کو علم دیا ہے
اور خود حق بھی تم سے چھپا کیا؟ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ وَسَلَّم (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيارا آقا لکڻ پڙهڻ ڄاڻيندا هئا

پيارا اسلامي ڀائرو! شروع ۾ ڏنل حديثِ پاڪ تي هاڻي وڌيڪ غور فرمايو! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻنهي هٿن ۾ 2 وڏا ڪتاب هئا، فرمايائون:

هَذَا كِتَابٌ مِّنْ رَبِّ الْعَالَمِينَ

ترجمو: هي ڪتاب ﷲ ربُّ العالمين جي طرفان عطا ڪيو ويو آهي.

سوال هي آهي ته رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهي ڪتاب عطا ڪيا ويا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي پڙهيو به هو يا نه...؟

جيڪڏهن چيو وڃي ته پاڻ مَعاذَالله! پڙهڻ ڄاڻيندا ئي نه هئا ته الله پاڪ کين ڪتاب ڏنا ئي ڇو...؟ توهان پنهنجي ذهن تي زور ڏيو! ڪو اهڙو شخص جيڪو پڙهڻ نه ڄاڻيندو هجي، ڇا توهان ڪڏهن ان کي ڪتاب گفٽ (Gift) ڪيو آهي؟ نه ڪيو هوندو. جڏهن اسان اهڙي شخص کي ڪتاب گفٽ نٿا ڪريون ته جيڪڏهن مَعاذ الله! پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهڻ نه ڄاڻيندا هجن ها ته الله پاڪ جو کين ڪتاب ڏيڻ ئي فضول ٿئي ها. جڏهن ته الله پاڪ کين ڪتابَ عطا فرمايا،

1... سامانِ بخشش، صفحه:108۔

هي عطا فرمائڻ ئي ان ڳالهہ جي دليل آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪتاب پڙهڻ ڄاڻيندا هئا.

نالو مبارڪ: اُمّي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ پيارو پيارو نالو آهي: اُمّي. الله پاڪ فرمائي ٿو:

اَلَّذِيۡنَ يَتَّبِعُوۡنَ الرَّسُوۡلَ النَّبِيَّ الۡاُمِّيَّ

ترجمو ڪنزُ العرفان: اهي جيڪي ان رسول جي پيروي ڪن جيڪي غيب جون خبرون ڏيڻ وارا آهن جيڪي ڪنهن کان پڙهيل ناهن. (سيپارو: 9، سوره اعراب: 157)

ڪِن ڪي هن نالي پاڪ مان غلط فهمي ٿي وئي. هيءَ ڳالهہ ياد رکو! لفظ اُمّي عربي جو لفظ آهي، هي لفظ جيڪڏهن منهنجي باري ۾ استعمال ٿئي، توهان جي باري ۾ چيو وڃي، ڪنهن عام ماڻهو لاءِ چيو وڃي تہ ان جو مطلب هوندو: اڻ پڙهيل .(Illiterate) پر اهو ئي لفظ جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم لاءِ استعمال ٿيندو آهي تہ ان جي اها معنيٰ نہ ڪئي ويندي آهي، بلڪ ان جو مطلب هوندو آهي: بي پڙهيو. يعني اهي هستي جن دنيا ۾ ڪنهن کان بہ علم ناهي سِکيو.[1]

## لفظ اُمّي ۽ شانِ مصطفيٰ جي يڪتائي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي هڪ سوال ذهن ۾ اچي ٿو: اُمّي جو جيڪڏهن هي مطلب آهي تہ اهي جن دنيا ۾ ڪنهن کان علم نہ سکيو هجي، تہ عرب معاشري جي لحاظ کان تہ اها ڪا نرالي ڳالهہ ناهي. 1500 سال اڳ مڪي شريف ۾ شايد هڪ بہ اسڪول، هڪ بہ مدرسو موجود نہ هو، انهن ماڻهن وٽ پڙهڻ

1 تفسير صراط الجنان، پاره:9، سورة اعراف، زيرِ آيت:157، جلد:3، صفحه:448۔

لکڻ جو دستور ئي نہ هو، ڪو بہ پنهنجي ٻارن کي پڙهڻ لاءِ نہ موڪليندو هو. اهڙي ماحول ۾ جيڪڏهن پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪنهن مدرسي، اسڪول يا استاد وٽ پڙهڻ نہ ويا تہ اها پاڻ جي نرالي شان ڪيئن ٿي وئي؟ عرب جو تہ دستور ئي اهو هو.

هاڻي هن سوال جو جواب ٻڌو! ستين صدي هجري جا بزرگ حضرت علامہ فخر الدين حَرَّالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: لفظ اُمّي جو مطلب هي آهي تہ الله پاڪ سيني ماڻهن کي جنهن فطرت (Nature) تي پيدا فرمايو، اسان جي محبوب نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن سيني کان جدا، بي مثال فطرت تي پيدا فرمايو آهي. (1)

مطلب هي آهي تہ هن دنيا ۾ جيترا بہ ماڻهو آيا آهن، سيني جي فطرت ۾ پڙهڻ لکڻ رکيو ويو آهي، توهان پنهنجي گهرن ۾ ڏٺو هوندو، ٻار جڏهن ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي، شين کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ شروع ڪندو آهي تہ هو تمام گهڻا سوال (Questions) پڇندو آهي، بابا! هي ڇا آهي؟ بابا! هو ڇا آهي؟ ابو! هن شيءِ کي ڇا چوندا آهن؟ ابو! اها شيءِ ڪهڙو ڪم ڪندي آهي؟ هن طرح ٻار تمام گهڻا سوال پڇندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن تہ هڪ ئي ساهہ ۾ ڪيترائي سوال پڇي ويندا آهن، هي هن ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ هن دنيا ۾ هر هڪ جي فطرت ۾ سکڻ رکيو ويو آهي، جيڪو بہ دنيا ۾ اچي ٿو، هو هتي اچي سکڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر قربان وڃجي! هي منهنجي ۽ توهان جي آقا، بي مثال نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نرالي فطرت آهي جو الله پاڪ سندن فطرت مبارڪ ۾ سکڻ نہ بلڪ سيکارڻ رکيو آهي.

1 ...ابداء الخفا فی شرح اسماء المصطفی، اسمہ الامی، صفحہ:248خلاصتًہ۔

# پهريان الفاظ مبارڪ

بي بي حليمہ سعديہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھَا فرمائن ٿيون: محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جڏهن ڳالهائڻ جي عمر مبارڪ کي پهتا تہ پاڻ جيڪو پهريون جملو زبانِ پاڪ مان ادا ڪيو اهو هيءُ هو: اَللّٰہُ اَکۡبَرُ کَبِیۡرًا، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعَالَمِیۡنَ وَسُبۡحَانَ اللّٰہِ بُکۡرَۃً وَّاَصِیۡلًا (الله سڀ کان وڏو آهي، تمام تعريفون باربار الله پاڪ لاءِ ئي آهن جيڪو سڀني جهانن جو ربّ آهي ۽ صبح ۽ شام الله پاڪ جي پاڪائي آهي).[1]

وڌيڪ فرمائن ٿيون: رات جو جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آرام فرمائيندا هئا تہ هي آواز ايندو هو: لَاۤ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ قُدُّوۡسًا، نَامَتِ الۡعُیُوۡنُ وَالرَّحۡمٰنُ لَا تَاۡخُذُہٗ سِنَۃٌ وَّلَا نَوۡمٌ (الله پاڪ کانسواءِ ڪو معبود ناهي جيڪو نهايت پاڪائي وارو، اسان جي اکين ۾ ننڊ اچي وئي پر رحمٰن اهو آهي، جنهن کي نہ ننڊ اچي ٿي نہ جهوٽو اچي ٿو).[2]

سُبۡحٰنَ اللہ! ڇا تہ عاليشان شانُ آهي...!! اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ لکن ٿا تہ:

اللہ! اللہ! وہ بچپنے کی پَھبَن! | اس خُدا بھاتی صُورت پہ لاکھوں سلام[3]

**وضاحت**: اللہ! اللہ! حبيبِ خُدا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ننڍپڻ جو اهو حسن و جمال، خوبصورتي. ان محبوبِ خدا صورت تي لکين سلام

هي ڪمال جي ڳالهہ آهي، چوڌاري سڄو ماحول شرڪ وارو آهي، ڪو تارن جي پوڄا ڪري ٿو، ڪو سج کي خدا بڻايو وينو آهي، ڪو وڻن پٿرن جي

---

1...دلائل النبوة للبيهقی، باب ذکر رضاع النبی صلَّی اللہُ علیہِ وَ آلِہٖ وَسلَّم، جلد:1،صفحہ:139 و140۔
2... تاريخ الخميس، ذکر ارضاع الاظار و عددها وما وقع عند حليمۃ، جلد:1، صفحہ:413۔
3...حدائقِ بخشش، صفحہ:306۔

عبادت ڪري تو، اهڙي ماحول ۾ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نرالو نديپڻ هو، پاڻ پيدا ٿيندي ئي سجدو ڪن ٿا، ڳالهائڻ جي عمر ۾ پهچن ٿا ته الله پاڪ جو نالو پڪارين ٿا، خبر پئي: ◈ محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم شروع کان ئي معرفت جي بلند ترين مقام تي پهتل هئا ◈ پاڻ هي به ڄاڻيندا هئا ته الله پاڪ جو وجود آهي ◈ هي به ڄاڻيندا هئا ته الله پاڪ هڪ آهي ◈ هي به ڄاڻيندا هئا ته هو سڀ کان وڏو آهي ◈ هي به ڄاڻيندا هئا ته هو هر قسم جي نقص ۽ عيب کان پاڪ آهي ◈ هي به ڄاڻيندا هئا ته تمام خوبيون الله پاڪ لاءِ ئي آهن ۽ ◈ هي به ڄاڻيندا هئا ته سڀ تعريفون ڪنهن جون جيڪڏهن ٿي سگهن ٿيون ته اهي صرف اللهُ ربُّ العزت جي بلند ذات آهي.

## ٻچپن مبارڪ جون چند ادائون

ابوطالب جيڪي پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا چاچا آهن، ڪين ڪافي عرصو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت جي سعادت نصيب رهي. پاڻ چون ٿا: مان محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي پاڻ سان گڏ رکندو هئس، هڪ رات مون چيو: توهان پنهنجي قميص لاهي ڇڏيو ۽ مون سان گڏ منهنجي بستري تي ليٽي پئو! هي ٻڌي پاڻ جي نوراني چهري تي ناگواري جا آثار ظاهر ٿيا پر منهنجي ڳالهه کي شرفِ قبوليت ڏيندي فرمايائون: چچا جان! چهرو ڦيري ونو! مان قميص لاهيان تو، مونکي نه ڏسجو.

ابوطالب چون ٿا: مونکي وڏي حيرت ٿي. خير! مون نگاهون ٻئي طرف ڪري ورتيون. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قميص مبارڪ لاهي بستري ۾ ويڙهجي ويا. پوءِ جڏهن مان بستري تي ليٽيس ته ڇا تو ڏسان ته سندن ۽ منهنجي وچ ۾ هڪ ڪپڙو رکيل آهي. وڏيڪ چون ٿا: پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو جسم مبارڪ

تمام نرم نازڪ هو، خوشبوءِ اهڙي مهڪندي هئي جڻ هينئر ئي مشڪ سان وهنجي آيا آهن. مون سندن جسم پاڪ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي پر نہ ڏسي سگهيس. وڌيڪ چون ٿا: تمام ڪيئي پيرا ائين ٿيندو هو جو رات جو اوچتو اک کلندي هئي تہ پاڻ بستري تي موجود نہ هوندا هئا، مان اٿي ڪري هيڏانهن هوڏانهن ڳولڻ لڳندو هيس تہ بستري تان ئي آواز ڏئي فرمائيندا هئا: چاچا! مان تہ هتي ئي آهيان، توهان ڪٿي ڳولي رهيا آهيو. ڪيئي پيرا اڌ رات جي وقت اهڙو ذڪر ڪندا هئا جو مان حيرت سان ڏسندو رهجي ويندو هيس. اسان جڏهن کاڌو کائيندا هئاسين يا پاڻي پيئندا هئاسين تہ الله جو نالو نہ وٺندا هئاسين پر سندن عادت مبارڪ هئي جو کائڻ جي شروعات ۾ بِسمِ الله چوندا، آخر ۾ الحمد لله !چوندا هئا ◈ ننڍپڻ مبارڪ ۾ بہ ڪڏهن پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪوڙ نہ ڳالهايو ◈ ٺهڪ ڏئي نہ کليا هئا ◈ نہ ڪو جاهليت وارو ڪم ڪندا هئا ◈ ۽ ٻارن سان ڪيڏڻ بہ نہ ويندا هئا. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهي اسان جي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو ننڍپڻ مبارڪ...!! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم پيدا ٿيندي ئي سجدو ڪيو ◈ ننڍپڻ کان ئي الله پاڪ جو ذڪر ڪندا ◈ رات جو سمهندا هئا تہ دل مبارڪ مان ذڪر جو آواز ايندو هو ◈ کجهہ کائيندا، پيئندا الله پاڪ جو نالو ڪٺندا هئا. مطلب تہ ننڍپڻ کان ئي هر وقت الله پاڪ جي محبت ۾ مدهوش رهندا هئا.

ڀلا سوچيو! ڇا اسان جا ٻار بہ اهڙا هوندا آهن؟ ناهن هوندا. اسان وٽ تہ ڪوشش ڪئي وڃي تہ ٻار پهريون لفظ الله ڳالهائي، تڏهن بہ تمام مشڪل سان ڳالهائيندو آهي پر هي نرالي فطرت وارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم آهن، سڀ

---
1...تفسير ڪبير، پاره:30، سورهٔ ضحیٰ، زيرِ آيت:6، جلد:11، صفحه:196 ملتقطًا۔

دنيا ۾ سکڻ اچن تا ◈، هي سِکي ڪَري آيا آهن، سيکارڻ لاءِ آيا آهن، تنهنڪري ڪين ڪنهن کان سکڻ جي ضرورت ناهي، سيني کي پاڻ ئي سيکاري رهيا آهن.

| | |
|---|---|
| عالمِ عِلمِ لدُنی آپ کو حق نے کیا | حال سب روشن ہے تم پر رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِیْن |
| بے پڑھے عالم نے ہر عالم پہ عِلم القا کیے | عِلمِ غیبِ حق کے مظہر رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِیْن |
| ہے نہ کوئی تیرا ثانی اور نہ ہو گا تا اَبد | ہر صفت میں سب سے بڑھ کر رَحْمَةٌ لِّلْعَالَمِیْن (1) |

وضاحت: اي تمام جهانن لاءِ رحمت بڻجي اچڻ وارا محبوب نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! الله پاڪ توهان کي خاص علمِ لدني عطا فرمايو، توهان تي سڀ حال روشن آهي، توهان اهي اُمّي آهيو جو دنيا ۾ ڪنهن کان ڪجهه نه پڙهيو، نه سکيو، ان جي باوجود علم اهڙو ڪمال آهي جو سڀ عالَم توهان جي ئي علم مان روشني وٺن ٿا، توهان الله پاڪ جي علمِ غيب جا مظهر آهيو، مطلب ته اي بي مثال محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم! توهان جو نه ڪو مثال آهي، نه ڪڏهن ٿيندو، توهان پنهنجي هر صفت ۾، هر خوبي ۾ سيني کان وڌيڪ، بي مثال ۽ بي نظير آهيو.

## اهي سيني جون ٻوليون سمجهندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي جيڪي علوم عطا فرمايا، انهن ۾ هڪ ٻولي جو علم به آهي، علامه احمد بن محمد صاوي مالڪي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بِاَنَّ اللهَ عَلَّمَهٗ جَمِيْعَ اللُّغَاتِ، فَكَانَ يُخَاطِبُ كُلَّ قَوْمٍ بِلُغَتِهِمْ يعني الله پاڪ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم کي تمام ٻوليون سيکاري ڇڏيون هيون ۽

1... قبالۂ بخشش، صفحہ:192-193-195 ملتقطًا۔

پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم هر قوم سان ان جي ٻولي ۾ ڪلام فرمائيندا هئا.[1]
مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡهِ فرمائن ٿا: حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم قدرتي طور تي تمام ٻوليون ڄاڻن ٿا جڏهن حضور جانورن، پٿرن، پٿرين جون ٻوليون سمجهندا آهن ته انسانن جي ٻولي ڇو نه سمجهندا.[2]

وہ سمجھتے ہیں بولیاں سب کی، وہی بھرتے ہیں جھولیاں سب کی

آؤ بازارِ مصطفےٰ کو چلیں، کھوٹے سکے وہیں پہ چلتے ہیں

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رسولِ عربي جو عجمي ٻولي ۾ جواب

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ دفعو اسان جي پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وٽ مسجدِ حرام شريف ۾ هڪ عجمي وفد (Non-Arab Delegation) پهتو. انهن مان ڪو به نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي نه سڃاڻيندو هو. انهن مان هڪ شخص پنهنجي ٻولي ۾ چيو: مَنۡ اَبُوۡنۡ اَسِيۡرَانۡ يعني توهان ۾ الله جو رسول ڪير آهي؟ حاضرين مان ڪو به سندن ڳالهه نه سمجهي سگهيو. نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَشۡكَدّاوَرۡ يعني هتي منهنجي ويجهو اڳتي اچو، اهي ويجهو آيا ۽ گفتگو ڪرڻ لڳا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ڪين انهن جي ٻولي ۾ جواب ڏيندا رهيا، آخرڪار انهن اسلام قبول ڪيو، پاڻ سان بيعت ڪيائون ۽ پوءِ پنهنجي قوم ڏانهن موٽي ويا.[3]

---

1... تفسير صاوى، پاره:13، الابراهيم، زير آيت:4، جز:3، جلد:2، صفحه:225۔
2... مرآة المناجيح، جلد:6، صفحه:335۔
3... نسيم الرياض، فصل و اما فصاحة اللسان و علامة القول، جلد:2، صفحه:134 ملتقطًا۔

سُبۡحٰنَ الله! هي اُمّي لقب وارا آهن، سيني جون ٻوليون ٻه سمجهن ٿا، سيني جا مسئلا به ڄاڻين ٿا ۽ سيني مسئلن جو حل به ڄاڻين ٿا.

وہ سمجھتے ہیں بولیاں سب کی وہی بھرتے ہیں جھولیاں سب کی

آو بازارِ مصطفےٰ کو چلیں کھوٹے سکّے وہیں پہ چلتے ہیں

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## شانِ اُمّيت ۽ اڄ جي سائنس

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اُمّي هجڻ جو شان جو اندازو هن ڳالهه مان به لڳايو ته اڄ کان 1500 سال اڳ جڏهن سائنس ترقي ته ڇا ڪرڻي هئي، اڃا پنهنجي الف بي به پوري نه ڪري سگهي هئي، ان دور ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جيڪي ڳالهيون ارشاد فرمايون، جيڪي انداز اختيار فرمايا، جيڪي طريقا اپنايا، اڄ جي ترقي يافته دور ۾ سائنسدان جديد ترين سائنسي آلات سان انهن ارشادن ۽ سنتن تي تحقيق ڪن ٿا ته حيران رهجي وڃن ٿا.

## غير مسلم ڊاڪٽر جو اعتراف

تمام گهڻو عرصو اڳ جڏهن الٽراسائونڊ مشين ايجاد نه ٿي هئي، سائنسدان اڃا هن جي متعلق تحقيقات ڪري رهيا هئا، ته ماءُ جي پيٽ ۾ ٻار ڪيئن نهندو آهي؟ نطفو هڪدم انساني شڪل اختيار ڪري وٺندو آهي يا مختلف مرحلن مان گذرڻ کان پوءِ انساني شڪل اختيار ڪندو آهي؟

آمريڪا جو هڪ ڊاڪٽر هو: مارشل جونسن هو به هن تحقيقي ٽيم ۾ شامل

هو. هڪ دفعي ان جي هڪ مسلمان سان ملاقات ٿي، ملاقات دوران مسلمان قرآنِ ڪريم جي هيءَ آيت ڊاڪٽر کي ٻڌائي (اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو):

وَ قَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ﴿۱۴﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: حالانڪه ان توهان کي ڪيترن ئي حالتن مان گذاري ٻڻايو. (سيپارو: 29، سوره نوح: 14)

ڊاڪٽر جوئسن ڪرسي تي ويٺل هو، جڏهن هن اها آيت ٻڌي ته حيراني ۾ هڪدم اٿي بيٺو ۽ عجب مان چيائين: هي ناممڪن آهي، قرآن ۾ اهڙي آيت نٿي ٿي سگهي. مسلمان ان کي هيءَ آيت ڏيکاري ۽ گڏوگڏ ٻيون آيتون جيڪي انسان جي پيدائش جي موضوع تي آهن، اهي به ڏيکاري ڇڏيون، هي ڏسي ڊاڪٽر چيو: 2 ئي صورتون ٿي سگهن ٿيون: (1): يا ته محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم وٽ الٽراسائونڊ مشين هئي، هنن الٽراسائونڊ جي ذريعي ڏسي هي ڪلام ٻڌائي ورتو، پر هي ٿي نٿو سگهي، 1400 سال اڳ الٽراسائونڊ مشين جو تصور به نه هو، تنهنڪري پوءِ (2): ٻي صورت اها ئي آهي ته هي ڪنهن انسان جو نه بلڪ اللّٰه ربُّ العالمين جو ڪلام آهي ۽ محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اللّٰه پاڪ جا سچا رسول آهن.

## مسواڪ جو قدردان

هڪ تاجر جو چوڻ آهي: سوئيزرلينڊ ۾ هڪ نو مسلم سان منهنجي ملاقات ٿي، ڪيس مون تحفي طور مسواڪ پيش ڪيو، هن خوش ٿي ان کي ورتو ۽ چمي اکين سان لڳايو ۽ هڪدم سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا، هن کيسي مان هڪ رومال ڪڍيو ان جي تهه کولي ته ان مان لڳ ڀڳ ٻه انچ جو ننڍڙو مسواڪ جو ٽڪرو نڪتو. چوڻ لڳو منهنجي اسلام آڻڻ وقت مسلمانن مون کي هي تحفو ڏنو هو. مان وڏي سنڀال سان ان کي استعمال ڪري

رهيو هئس هي ختم ٿيڻ وارو هو تنهنڪري مونکي ڳٽتي هئي ته الله پاڪ ڪرم فرمايو ۽ مون کي مسواڪ عنايت ڪري ڇڏيو. پوءِ هن ٻڌايو ته هڪ عرصي کان مان ڏندن ۽ مهارن جي تڪليف ۾ مبتلا هئس. اسان وٽ ڊينٽسٽ (Dentist) کان ان جو علاج نه پئي ٿيو. مون هن مسواڪ جو استعمال شروع ڪيو ٿورن ئي ڏينهن ۾ مونکي فائدو ٿي ويو. مان ڊاڪٽر وٽ ويس ته هو حيران ٿي ويو ۽ پڇڻ لڳو، منهنجي دوا سان ايڏي جلدي تنهنجو مرض دور نٿو ٿي سگهي، سوچ ڪو ٻيو سبب هوندو. مون جڏهن ذهن تي زور ڏنو ته خيال آيو ته مان مسلمان ٿي چڪو آهيان ۽ هي سڀ برڪت مسواڪ جي ئي آهي. جڏهن مون ڊاڪٽر کي مسواڪ ڏيکاريو ته هو حيرت سان ڏسندو ئي رهجي ويو. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي آهن نبي اُمّي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي شانِ اُمّيت جا نشانَ...!! ڪيڏي نرالي ڳالهه آهي، اهي بلند شان وارا جن ڪنهن کان ڪجهه نه پڙهيو، نه سکيو، اڄ تائين دنيا جا وڏا وڏا سائنسدان سندن سامهون شاگردي اختيار ڪرڻ لاءِ سِڪن ٿا.

خبر پئي: محبوبِ ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو اُمّي هجڻ مَعاذ الله ڪا برائي ناهي بلڪ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو تمام وڏو معجزو آهي.

عالِمِ عِلمِ لدُنی آپ کو حق نے کیا
حال سب روشن ہے تم پر رَحمَۃٌ لِّلعٰلَمِین

بے پڑھے عالم نے ہر عالم پہ عِلم القا کیے
عِلمِ غیبِ حق کے مظہر رَحمَۃٌ لِّلعٰلَمِین

ہے نہ کوئی تیرا ثانی اور نہ ہو گا تا اَبد
ہر صفت میں سب سے بڑھ کر رَحمَۃٌ لِّلعٰلَمِین (2)

1...مسواک شریف کے فضائل، صفحہ:17۔
2... قبالۂ بخشش، صفحہ:192-193-195 ملتقطًا۔

## نيڪ عملن تي استقامت اپنايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! آخر ۾ حديثِ پاڪ جي آخري لفظن تي بہ ڌورو توجهہ فرمايو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:
سڌا رهو ۽ قربِ الاهي حاصل ڪريو! بيشڪ جنتي جو خاتمو جنتين واري ڪم تي ٿيندو آهي ۽ جهنمي جو خاتمو جهنمين واري ڪم تي ٿيندو آهي. (1)
هن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ اسان کي هر وقت پنهنجي عملن جي خبر رکڻ گهرجي، هميشہ پنهنجي عملن جو جائزو وٺندو رهڻ گهرجي ڪٿي ائين نہ ٿئي جو اسان پاڻ کي نيڪ سمجهي رهيا هجون پر اسان جو خاتمو اهلِ جهنم وارن عملن تي ٿئي، ان لاءِ هميشہ جنتين وارا عمل اپنائيندا رهون، انهن تي استقامت اختيار ڪريون، هميشہ پنهنجي عملن جو باقاعدگي سان جائزو بہ وٺندا رهون تہ جيئن اسان جو خاتمو جنتين وارن عملن تي ٿي سگهي. خدا جو قسم! جيڪڏهن دنيا مان ويندي وقت ڪلمو زبان تي اچي ويو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! زندگي جي قيمت وصول ٿي ويندي. اللّٰہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! اڳوڻن بزرگن جي عقيدن تي پختگي حاصل ڪرڻ، صراطِ مستقيم تي استقامت ماڻڻ، محبتِ اعليٰ حضرت سان دل جي مکڙين کي مهڪائڻ لاءِ هر وقت دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ رهو! 12 ديني ڪم بہ خوب ذوق ۽ شوق سان ڪندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا و

---

1...ترمذی، کتاب القدر، باب ما جاء ان اللہ کتب کتابا...الخ، صفحہ:517، حدیث:2141 ۔

آخرت جون بيشمار ڀلايون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علائقائي دورو بہ آهي.

حديثِ پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مٽي وارا ٿيا، انهن کي جهنم جي باهہ نہ ڇهندي.[1] ◈ نيڪي جي دعوت ڏيڻ، برائي کان منع ڪرڻ لاءِ گهر کان نڪرڻ بہ راهِ خدا ۾ نڪرڻ آهي ◈ اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ لاءِ بازارن ۾ تشريف کڻي ويندا ◈ مختلف قبيلن ۾ وڃي بہ نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا.[2] دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ◈ گهر گهر، دڪان دڪان وڃي نيڪي جي دعوت پيش ڪئي وڃي ٿي ◈ ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني وڃي ٿي ◈ نمازن جي ترغيب ڏياري وڃي ٿي ◈ اسان ان کي علائقائي دورو چئون ٿا. توهان بہ عاشقانِ رسول سان گڏجي علائقائي دورو ڪندا ڪريو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ◈ سنتِ انبياء تي عمل جي سعادت ملندي ◈ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو ثواب ملندو ◈ حديثِ پاڪ موجب نيڪي جي راهہ ڏيکاريندڙ، نيڪي ڪندڙ وانگر آهي.[3] ◈ جيڪڏهن اسان جي نيڪي جي دعوت سان هڪ شخص بہ نيڪ نمازي بڻجي ويو تہ يقين ڪريو! وارا نيارا ٿي ويندا.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شرابي قافلي جو مسافر بڻجي ويو

عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو (گجرات، هند) پهتو، شريڪِ قافلہ علائقائي

1... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔
2... سيرت مصطفیٰ، صفحہ:115 اور 144 ملتقطاً۔
3... ترمذی، ابواب العلم ، باب ما جاء الدال علی الخير کفاعلہ، صفحہ:628، حديث:2670ملتقطاً۔

دورو ڪرڻ لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف کڻي ويا، علائقائي دوري دوران هڪ ◈شرابي کي سمجهايو ويو، الحمد لله! اهو شرابي قافلي وارن سان گڏ مسجد جي طرف هلڻ لڳو، اسلامي ڀائر ساڻس اهڙي با اخلاق طريقي سان پيش آيا جو هو 6 ڏينهن تائين قافلي وارن سان گڏ رهيو، علائقائي دوري جي برڪت ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي سبب هن گناهن کان توبهه ڪئي، ڏاڙهي مبارڪ وڌائي ورتي، عمامي شريف جو تاج به مٿي تي سجائي ورتو ۽ قافلن جو مسافر به بڻجي ويو.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی | چڑھائے گا ایسا نشہ دینی ماحول
تُو آ بے نَمازی، ہے دیتا نمازی | خدا کرم سے بنا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دارالافتاء اهلسنت ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: (Darul Ifta Ahlesunnat دار الافتاء اهلسنت). هن ايپليڪيشن ۾ توهان کي ملندا: ڪيئي مذهبي ۽ معاشرتي سوالن جا تحريري فتاويٰ ◈ عقيدن جي متعلق احڪام ◈ قرآن و حديث جي متعلق احڪام ◈ وضو، غسل ۽ ناپاڪي جا احڪام ◈ نماز جي متعلق مسئلا ◈ ميت جي متعلق مسئلا ◈ مفتيانِ دعوتِ اسلامي جا اهم تربيتي ۽ معلوماتي وڊيو ڪلپس ۽ بيان ◈ معاشرتي ۽ مذهبي پهلوئن تي رهنمائي ڪندڙ مختلف آرٽيڪلز (Articles) ۽ ڪتاب ◈ مفتيانِ ڪرام جا مختلف

علمي، تربيتي ۽ شرعي معلومات تي ٻڌل سلسلا ◈ تجارت ڪورس، فرض علوم ڪورس ۽ گھڻو ڪجھ. ھيءَ ايپلي ڪيشن پنھنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري وٺو! پاڻ بہ فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ھر سال 7 سيپٽمبر تي سڄي پاڪستان ۾ يومِ تحفظِ عقيدهءِ ختمِ نبوت ملھايو ويندو آھي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪجھ ڏينھن کان پوءِ ھي ڏينھن اچڻ وارو آھي. بيان کي پڄاڻي ڏانھن آڻيندي عقيدهءِ ختمِ نبوت جي حوالي سان ڪجھ ضروري ڳالھيون ٻڌايان ٿو.

## عقيدھءِ ختمِ نبوت جي حوالي سان ڪجھ اھم ڳالھيون

پيارا اسلامي ڀائرو! عقيدهءِ ختمِ نبوت ضرورياتِ دين مان آھي.[(1)] ۽ ان جي باري ۾ علم سکڻ فرضِ عين آھي.[(2)]

عقيدهءِ ختمِ نبوت ڇا آھي؟ جڏھن کان احمدِ مجتبیٰ، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف کڻي آيا، ان وقت کان وٺي قيامت تائين ڪو بہ شخص ڪنھن بہ لحاظ کان ڪنھن بہ زماني ۾، ستن آسمانن ۽ ستن زمينن ۾، ڪائنات (Universe) جي ڪنھن بہ خطي ۾ ڪو نئون نبي نٿو اچي سگھي.[(3)]

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

> مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَاۤ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمًا۠ ﴿۴۰﴾

---

1... الاشباه والنظائر،کتاب السیر،باب الردة،صفحہ:218۔
2... فتاوی رضویہ،جلد:23،صفحہ:623 ماخوذاً۔
3 ... فتاوی رضویہ،جلد:15،صفحہ:630 مفصلاً۔

ترجمو ڪنزُ العرفان: محمد توهان جي مردن مان ڪنهن جو پيءُ ناهي پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي.(سپارو:22، سورهِ احزاب:40)

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اَنَا خَاتَمُ النَّبِيّٖنَ لَا نَبِیَّ بَعْدِی.(1) يعني مان سڀني نبين ۾ آخري نبي آهيان، منهنجي پويان ڪو نئون نبي نه ايندو ◈ هڪ روايت ۾ آهي: بيشڪ رسالت ۽ نبوت ختم ٿي وئي هاڻي مون کان پوءِ نه ڪو رسول ايندو نه ڪوئي نبي.(2)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡه لکن ٿا: ◈ اسلام ۾ جنهن طرح لَا اِلٰهَ اِلَّا الله تي ايمان رکڻ ضروري آهي، اهڙي طرح مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي خَاتَمُ النَّبِيّٖن مڃڻ به لازم ۽ ضروري آهي ◈ جيڪو ٻانهو هن عقيدي جو انڪار ڪري يا هن ۾ ذري برابر به شڪ ڪري اهو يقيني طور تي ڪافر آهي، ملعون آهي، هميشه هميشه جهنم ۾ رهندو ◈ جيڪو هن مرتد جي غلط عقيدي کي ڄاڻيندو هجي، پوءِ به هو ان کي ڪافر نه ڄاڻي يا ان جي ڪافر هجڻ ۾ شڪ ڪري، اهو به ڪافر ۽ مرتد آهي.(3)

تمہارے بعد پیدا ہو نبی کوئی نہیں ممکن | نُبُوَّت ختم ہے تم پر کہ ختم الانبیاء تم ہو (4)

الله پاڪ اسان کي سنن عقيدن تي پابند رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... ابو داود،ڪتاب الفتن ،باب ذکر الفتن و دلائلها،صفحه:666،حديث:4252ملتقطاً۔
2... ترمذي،ڪتاب الرويا،باب ذهبت النبوة و بقيت المبشرات،صفحه:546،حديث:2272ملتقطاً۔
3 ... فتاویٰ رضويه،جلد:15،صفحه:630 خلاصةً ۔
4... سامانِ بخشش، صفحه:166۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا ته دُرُود شريف ڪي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو ته حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو ته اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو ته سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي ته هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ اُمم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1...القول البديع، الباب الثانی، ص277

2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية و الخمسون، ص149

3...القول البديع، الباب الاول، ص3125

4... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰہُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا ھُوَ اَھْلُہٗ

حضرتِ سَيّدُنا ابنِ عبا رَضِیَ اللہُ عَنۡھُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ الْحَلِیْمُ الْکَرِیْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰہِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِیْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455